SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1975

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1975

سنڌ عوامي ملڪيت (حددخلي هٽائڻ) آرڊيننس، 1975

THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCHROACHMENT) ORDINANCE, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. تعميرات هٽائڻ
Removal of Structures
4. اپيل
Appeal
5. ڌاهڻ
Eviction
6. تعميرات ڌاهڻ ۽ هٽائڻ جي قيمت
Cost of demolition and removal of structure

7.پاڻي جي رهتن جي بازيابي
Recovery of arrears of rent
8.سزا
Punishment
9.ڏوهہ جو ازالوءِ ٻڌڻي جو طريقو
Cognizance of offence and mode of trial
10.اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers
11.عدالتن جي دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction of courts barred
12.چوٽ
Indemnity
13.قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules
14.منسوخي
Repeal

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1975

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1975

سنڌ عوامي ملڪيت (حددخلي هٽائڻ) آرڊيننس، 1975

THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCHROACHMENT) ORDINANCE, 1975

[20 جنوري 1975]

آرڊيننس جنهن ذريعي عوامي ملڪيت مان حددخلي هٽائڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويندا؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ عوامي ملڪيت مان حددخلي هٽائڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ اپاءَ وٺڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪري

فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ عوامي ملکيت (حددخلي هٽائڻ) آرڊيننس، 1975 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "خودمختيار بادي" مطلب بورڊ، ڪارپوريشن، ادارو، تنظيم، اٿارٽي يا بادي، جيڪي حڪومت طرفان، قانون تحت يا طرفان صوبي جي خزاني جي امداد سان قائم ڪيا وڃن؛

(b) "عمارت" مطلب عمارت يا ان جو حصو ۽ جنهن ۾ شامل آهي، چبوترو، پت، ڏاڪڻ، پليٽ فارم، ڪنهن بہ قسم جي ڊڪيل ايراضي، خيمو، انڪلوزر ۽ ان سان جڙيل زمين؛

(c) "حددخلي" مطلب عوامي ملکيت تي غير قانوني قبضو يا غير ضروي مداخلت؛

(d) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(e) "زمين" جنهن ۾ شامل آهي پاڻي هيٺ زمين، کوهہ، فوٽ پاٿ، روڊ ۽ گهٽي؛

(f) "لوڪل ڪائونسل" مطلب سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 (1972 جي سنڌ آرڊيننس II) تحت جوڙيل ڪائونسل؛

(g)"بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(h)"عوامي ملڪيت" مطلب هڪ عمارت، زمين، جڳهه يا احاطو جيڪو حڪومت، لوڪل ڪائونسل، خودمختيار باڊي، يا اهڙي ڪنهن بي اٿارٽي ۾ اچي يا انتظام يا ضابطي هيٺ هجي.

تعميرات هٽائڻ
Removal of Structures

3.(1) حڪومت يا ڪا اٿارٽي يا حڪومت طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل عملدار، اهڙي جاچ تي مطمئن ٿيڻ بعد، جيئن ضروري سمجهي ته ڪو شخص سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ ريت ڪنهن حددخلي جو ذميدار آهي، اهڙي شخص کان اهڙي حددخلي، تعمير سان گڏ، جيڪڏهن ڪا سندس طرفان ڪنهن عوامي ملڪيت تي ٺاهي وئي هجي، لکت ۾ حڪم ذريعي هٽائڻ جو چئي سگهن ٿا، اهڙي عرصي اندر جيڪو حڪم ۾ ڄاڻايو ويو هجي.

وضاحت: ليزي يا لائسنسي جيڪو ليزي يا لائسنس جو مدو ختم ٿيڻ بعد يا اهڙي ليز يا لائسنس طئي ٿيڻ بعد، ڪنهن عوامي ملڪيت تي قبضو جاري رکي ٿو، هن ذيلي دفعه تحت ان کي حد دخلي سمجهيو ويندو.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت ڪيل حڪم ڏنو ويندو:

(a) حددخلي لاءِ ذميدار شخص کي ڏيڻ يا حوالي ڪرڻ يا ڪنهن مرد بالغ شخص کي، جيڪو ساڻس گڏ ساڳئي گهر ۾ رهندو هجي؛

(b) ظاهر جڳهن تي يا ويجهي عوامي ملڪيت تي

لڳائڻ، جيڪا ان سان لاڳاپيل هجي.

اپيل
Appeal

4.(1) ڪو بہ شخص جيڪو دفعہ 3 تحت ڪيل حڪم سان متاثر ٿيو هجي، حڪم ملڻ جي ستن ڏينهن اندر حڪومت يا ڪنهن اٿارٽي يا ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن شخص کي لکت ۾ درخواست ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ حڪومت طرفان ڪيل حڪم کان ڪا اپيل نہ ٿيندي پر متاثر شخص ساڳئي عرصي دوران اهڙي حڪم جي سلسلي ۾ حڪومت کي نظرثاني پٽيشن ڪري سگهي ٿو.

(2) حڪومت، يا جيئن معاملو هجي، اٿارٽي يا عملدار جيئن مٿي ڄاڻايل آهي، ذيلي دفعہ (1) تحت داخل ڪيل اپيل جي يادداشت نامي يا نظرثاني پٽيشن ڏسڻ بعد ۽ درخواست گذار يا پٽيشنر يا سندس طرفان بااختيار بڻايل ايجنٽ کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ بعد، حڪم جي تصديق، تبديلي ڪري سگهي ٿو يا حڪم ختم ڪري سگهي ٿو.

ڍاهڻ
Eviction

5. (1) جيڪڏهن ڪو شخص دفعہ 3 تحت ڪيل حڪم ملڻ جي ستن ڏينهن ڪانپوءِ بہ انڪار ڪري ٿو يا عوامي ملڪيت خالي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا اتي جوڙيل تعمير هٽائڻ ۾ ناڪام ٿئي، يا جيڪڏهن اهڙي حڪم خلاف اپيل يا نظرثاني اپيل داخل ڪئي وڃي ٿي، اهڙي اپيل يا نظرثاني پٽيشن رد ٿيڻ ڪانپوءِ، اهو حڪومت طرفان ان سلسلي ۾

بااختيار بڌايل عملدار طرفان طاقت جي زور تي اٿاريو ويندو. جيئن ضروري هجي ۽ تعمير، جيڪڏهن کان اڳڀي شخص طرفان عوامي ملڪيت تي جوڙي وئي هجي، حڪومت ۾ شامل ڪئي ويندي.

(2) جيڪڏهن ذيلي دفعہ (1) تحت قدم کڻڻ لاءِ بااختيار بڌايل کي شخص پوليس جو سهڪار طلب ڪري ٿو تہ اهو جتي عوامي ملڪيت موجود آهي، ان جي مقامي حدن ۾ موجود پوليس اسٽيشن جي آفيسر انچارج کي اڳڀي درخواست اماڻيندو ۽ اڳڀو پوليس آفيسر اڳڀي درخواست تي گهربل مدد فراهم ڪندو.

تعميرات ڍاهڻ ۽ هٽائڻ جي قيمت
Cost of demolition and removal of structure

6.جتي جا تعمير دفعہ 5 تحت ڍاهي يا هٽائي وڃي اڳڀي تعمير جي ڍاهڻ يا هٽائڻ جي قيمت حددخليءَ لاءِ ذميدار شخص کان لينڊ روينيو جي رهتن جي صورت ۾ وصول ڪئي ويندي.

پاڻي جي رهتن جي بازيابي
Recovery of arrears of rent

7.جيڪڏهن ڪنهن عوامي ملڪيت جي سلسلي ۾ اتان اٿاريل شخص طرفان پاڻي جون رهتون واجب الادا آهن تہ اڳڀيون رهتون وياج سان گڏ، جيڪڏهن کو هجي، اڳڀي شخص کان لينڊ روينيو جي رهتن جي صورت ۾ وصول ڪيون ويندیون.

سزا
Punishment

8.(1) حددخلي جو ذميدار کو شخص قيد جي سزا لائق

هوندو. جيڪا ڇهه مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو ٽن هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو. يا ٻئي گڏ.

(2) ڪنهن علائقي ۾ حددخلي روڪڻ لاءِ مقرر ڪيل عملدار جيڪو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت حددخلي جي ڏوهه ۾ جڙي ٿو يا مدد ڪري ٿو يا ڏوهه ٽيڙ ڪي هٿي وٺرائي ٿو يا جنهن جي فرض ۾ ڪوتاهي سبب اهڙو ڏوهه ٿئي ٿو يا ڏوهه ڪي هٿي ملي ٿي، ان کي سهولتڪار طور سزا ڏني ويندي.

(3)جيڪڏهن پوليس استيشن جو آفيسر انچارج دفعه 5 جي ذيلي دفعه (2) تحت ضروري پوليس سهڪار ڏيڻ ۾ جاڻي واڻي ناڪام ٿئي ٿو يا ڏيڻ کان لهرائي ٿو ان کي حددخلي جي ڏوهه ۾ سهولتڪار طور سزا ڏني ويندي.

ڏوهه جو ازالو ۽ ٻڌڻي جو طريقو
Cognizance of offence and mode of trial

9.(1) ڪا به ڪورٽ هن آرڊيننس ڏوهه جو ازالو نه ڪري سگهندي سواءِ جيستائين ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان بااختيار ٻڌايل ڪنهن عملدار طرفان شڪايت نه ڪئي وڃي.

(2) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي هدايت ڪري سگهي ٿي ته هن آرڊيننس تحت ڪيل ڏوهه تي ساڳيءَ ريت ٻڌڻي ڪئي ويندي جيئن ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (1898 جي ايڪٽ V)جي باب XXII ۾ طريقو بيان ڪيو ويو آهي.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

10. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هدايت ڪري سگهي ٿي ته هن آرڊيننس تحت استعمال لائق ڪو اختيار ان جي ماتحت ڪنهن آفيس طرفان يا

ڪنهن مڪاني ڪائونسل، خودمختيار باڊي يا اهڙي ٻي ڪنهن اٿارٽي طرفان استعمال ڪري سگهجي ٿو.

عدالتن جي دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction of courts barred

11. ڪنهن به ڪورٽ کي هن آرڊيننس تحت ٿيندڙ نيت سان ڪجهه به ڪرڻ يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو فيصلو ٻڌائڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ يا ڪا ڪارروائي ڪرڻ جو دائره اختيار نه هوندو.

بشرطيڪ هڪ سول ڪورٽ اهڙي تڪرار تي فيصلو ٻڌائي سگهي ٿي ته ملڪيت عوامي ملڪيت نه اهي پر ان کي اهڙي تڪرار سان لاڳاپيل ڪنهن مقدمي يا ڪارروائي تي فيصلو جاري ڪرڻ جو ڪو اختيار نه هوندو.

ڇوٽ
Indemnity

12. هن آرڊيننس تحت ڪجهه به ڪرڻ، ڪيل يا ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت يا ڪنهن اٿارٽي يا شخص خلاف ڪو به مقدمو يا قانوني ڪارروائي نه ٿيندي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

13. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

منسوخي
Repeal

14. اولهه پاڪستان سرڪاري زمينون ۽ عمارتون (قبضي جي بازيابي) آرڊيننس، 1966ع اولهه پاڪستان خودمختيار باڊيز غير متحرڪ ملڪيت (غير قانوني قبضو ڪندڙن کي هٽائڻ) آرڊيننس، 1965 منسوخ ڪيا وڃن ٿا.

نوٽ:آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.